SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر VI مجریہ 1987

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1987

سندھ شہري غير متحرک ملکيت ٹيکس (ترميم) آرڈيننس، 1987

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

فہرست (CONTENTS)

تمہيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولھ پاکستان ايکٹ V جي دفعہ 7_A جي ترميم

Amendment of section 7_A of West Pakistan Act V of 1958

3. 1958 جي اولھ پاکستان ايکٹ V جي دفعہ 8_A جي ترميم

Amendment of section 8_A of West Pakistan Act V of 1958

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1987

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1987

سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1987

THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1987

[10 آگسٽ، 1987]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

تمهيد (Preamble)

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي

نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 7_A جي ترميم
Amendment of section 7_A of WEST PAKISTAN ACT V of 1958

2. سنڌ شهري غير متحرڪ ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 7_A ۾:

(a) شق (i) ۾ آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو.

(b) شق (ii) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(iii) پهرين جنوري 1977 تي ملڪيتن جي سلسلي ۾ ٺاهيل اگهن جي فهرست، جيڪا سوري يا عارضي طور صنعتي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي، ڄاڻايل تاريخ کان لاڳو هوندي ۽ تيستائين ان موجب ٽيڪس اوڳاڙي ويندي جيستائين دفعه 7 جي گنجائشن موجب نيون فهرستون عمل ۾ نه اچن."

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 8_A جي ترميم

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 8_A لاءِ، هيٺيون دفعه شامل ڪيو ويندو:

(توثيق) 8_A. اگرچه هن ايڪٽ، فيصلي يا ڪنهن ڪورٽ جي ڊڪري واري آرڊر ۾ شامل آهي، ته جيڪي

Amendment of section 8_A of WEST PAKISTAN ACT V of 1958

ڪراچي ڊويزن جي سمورين يا جزوي ريٽنگ ايريا ۾ صنعتي مقصدن جي لاءِ ڪم ايندڙ ملڪيتن بابت ملهه ڪٽڻ واريون لسٽون جوڙيون ويون آهن ۽ اهي پهرين جنوري 1977 کان لاڳو آهن، انهن کي صحيح سمجهيو ويندو ته اهي صحيح نموني سان جوڙيون ويون آهن ۽ نافذ ڪيون ويون آهن ۽ صحيح نموني سان ٽيڪس لڳائي وئي آهي، اوڳاڙي وئي آهي يا جمع ڪئي وئي آهي ۽ اهو سمجهيو ويندو ته اهي لسٽون درست نموني سان جوڙيون، لاڳو ڪيون ويون آهن ۽ صحيح نموني سان لڳايل ٽيڪس اوڳاڙي وئي آهي.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.